# نگاهن جي
# حفاظت ڪريو

08-February-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نگاھن جي حفاظت ڪريو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏھن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رھندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رھندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمھڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناھي، البت جيڪڏھن اعتڪاف جي نيت ھوندي تہ اھي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمھڻ جي لاءِ نہ ھئڻ گھرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا ھجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آھي: جيڪڏھن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمھڻ چاھي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاھي ڪري (يعني ھاڻي چاھي تہ کائي پي يا سمھي سگھي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين آھي: جنھن قرآنِ پاڪ پڙھيو، رَبّ ڪريم جي حمد ڪئي، نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرُودِ شريف پڙھيو ءِ پنھنجي رَبّ ڪريم کان بخشش گھري تہ ان ڀلائي کي پنھنجي جڳھ تان تَلاش ڪري ورتو. (شعب الايمان، ج. 2، ص. 373، حديث 2084 )

گرچہ ہیں بے حد قُصُور تم ہو عَفُوّ و غَفُور بَخْش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پھريان سنيون سنيون

نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٖ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن کان حفاظت جي نرالي دُعا

حضرت سَيِدُنا يونس بن يوسف رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي زماني جي مشهور اولياءِ سڳورن مان هئا. گهڻو وَقت مسجد ۾ گُذاريندا هئا ۽ پنهنجي رَبّ ڪريم جي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. انهن پنهنجي جواني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ وقف ڪئي هئي. هڪ ڀيري پاڻ مسجد مان ٻاهر اچي رهيا هئا ته اوچتو واٽ تي هڪ نوجوان عورت تي نظر پئجي وئي ۽ دل ڪجهه دير جي لاءِ ان ڏانهن مائل ٿي پر پوءِ هڪدم پنهنجي هن فعل تي شرمسار ٿيا ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ هنن لفظن سان دعا گهرڻ لڳا: اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ تو مون کي اکيون عطا ڪيون جيڪا تمام وڏي نعمت آهي پر مون کي خطرو لڳي رهيو آهي ته ڪٿي هنن اکين

www.dawateislami.net

جي ڪري مان عذاب ۾ مبُتلا نہ ٿي وڃان ۽ ھي اڪيون منھنجي ھلاڪت جو سبب نہ بڻجي وڃن، اي منھنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تون منھنجي اکين جو نور ڪسي ڇڏ. جيئن ئي پاڻ دُعا مان فارغ ٿيا، سندن اکين جي روشني ختم ٿي چڪي ھئي ۽ پاڻ نابين ٿي ويا ھئا، پوءِ پاڻ پنھنجي پائٽي ڪي پاڻ سان گڏ رکندا ھئا جيڪو نمازن جي وقت ۾ اوھان کي مسجد تائين وٺي ويندو ھو ۽ ٻين معاملن ۾ بہ اوھان ان کان مدد وٺندا ھئا. سندن پائٽو اوھان کي مسجد ۾ ڇڏي پاڻ ٻارن سان کيڏڻ لڳندو ھو. جڏھن اوھان کي ڪا حاجت ٿيندي ھئي تہ ان کي سڏيندا ھئا اھڙي طرح وَقت گُذرندو رھيو.

ھڪ ڀيري پاڻ مسجد ۾ ھئا تہ اوھان کي پنھنجي جسم تي ڪا شيءِ ھلندي محسوس ٿي، پاڻ پائٽي کي آواز ڏنو پر ھو ٻارن سان راند ۾ مصروف رھيو ۽ اوھان وٽ اچي نہ سگھيو. اوھان کي خطرو ھو تہ ڪو نُقصان نہ پھچائي. پوءِ پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ ٻيھر فرياد ڪيو اي منھنجا موليٰ! ھاڻي مون کي اھو خوف آھي تہ جيڪڏھن منھنجي روشني واپس موٽي نہ آئي تہ ڪڏھن اھا منھنجي لاءِ آزمائش ۽ خواري جو سبب نہ بڻجي وڃي،چاڪاڻ تہ مان ھاڻي ڏسي تہ نہ ٿو سگھان، ڪو مُوذي جانور مون کي نُقصان پھچائي سگھي ٿو ۽ ھر ھر پنھنجي حاجتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ٻين جي مدد دَرڪار ھوندي آھي جنھن سبب مون کي گھڻي تڪليف ٿيندي آھي، اي منھنجا مالڪ ۽ مختار پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مون کي منھنجو نور موٽائي ڏي تہ جيئن مان رُسوائي ۽ ماڻھن جي مُحتاجي کان بچي وڃان.

حضرت سَيدُنا مالڪ بن انس رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ اجا ھو پنھنجي دُعا کان فارغ بہ نہ ٿيو ھو جو انھن جي اکين جو نور موٽي آيو ۽ ھاڻي ھو پاڻ ٻين جي مدد جي بغير پنھنجي گھر ڏانھن روانو ٿي ويو، مون اوھان کي ٻنھي حالتن ۾ ڏٺو يعني ھن حال ۾ بہ ڏٺو تہ اوھان جي بينائي ختم ٿي چڪي ھئي ۽ ھن حالت ۾ بہ ڏٺو تہ دعا جي برڪت سان اوھان کي ٻيھر اکين جي نعمت عطا ڪئي وئي. اوھان پھريان وانگر ھاڻي بہ پاڻ مسجد ڏانھن ويندا ھئا ۽

پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا هئا. (عيون الحکايت ، الحکايت السابعة الاربعون بعد المائة ص۱۶۵)

میں نیچی نگاہیں رکھوں کاش اکثر عطا کر دے شرم و حیا یاالٰہی
ہمیشہ کروں کاش پردے میں پردہ تُو پیکر حیا کا بنا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جا بزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين ڪيترا عظيم هوندا هئا، انهن مُبارڪ هستين کي جيڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ آخرت جو فائدو نظر ايندو هو تہ ان جي خاطر دُنياوي نُقصان جي پروا نہ ڪندا هئا پر دُنياوي نَفعي جي خاطر آخرت جو نقصان هرگز هرگزبرداشت نہ ڪندا هئا.

جيئن تہ بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو تہ اللّٰه ڪريم جي مُقرَّب ولي حضرت سَيِدُنا يونس بن يوسُف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اها ڳالھ تہ منظور هئي تہ انهن جي اکين جو نور وڃي ٿو تہ ڀلي وڃي، پر ان جي اک سان اللّٰه ڪريم جي نافرماني هرگز هر گز نہ ٿيڻ گهرجي. اللّٰه ڪريم انهن بزرگن جي صدقي اسان کي بہ بدنگاهي کان بچڻ، پنهنجي هرهر عضو کي گناهن کان محفوظ رکڻ خاص ڪري اکين جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

آقا کی حیا سے جھکی رہتی نظر اکثر آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
آنکھوں میں سرِحَشر نہ بھر جائے کہیں آگ آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
بولوں نہ فُضول اور رہیں نیچی نگاہیں آنکھوں کا زباں کا دے خدا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## نِگاھ جي اھميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان جھڙي طرح ماڻھو ڳالھائڻ ۾ بيباڪ آھي، اھڙي طرح ڏسڻ ۾ بہ بيباڪ آھي، ان کي احساس تائين بہ نہ آھي تہ ڏسڻ بہ ھڪ اھڙو عمل آھي جيڪو ان جي لاءِ ثواب يا عذاب جو سبب بڻجي سگھي ٿو. مثال طور جيڪڏھن پنھنجي ماءُ کي محبت ڀري نگاھ سان نھاري ٿو تہ ھڪ مقبول حج جو ثواب ملندو آھي ۽ جيڪڏھن غير محرم کي شَھوَت سان ڏسي ٿو تہ عذابِ نار جو حق دار ٿيندو آھي ڇوتہ غير محرم عورت کي ڏسڻ انسان جو نہ شيطان جو ڪم آھي. جيئن تہ

حضرت سيدُنا عبدُاللّٰہ بن مَسعُود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آھي تہ حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ آھي: اَلْمَرْاَۃُ عَوْرَۃٌ فَاِذَا خَرَجَتْ اِسْتَشْرَفَھَا الشَّیْطَانُ عورت عورت (يعني لڪائڻ جي شيء) آھي جڏھن ھو نڪرندي آھي تہ شيطان ان کي جھاتي پائي ڏسندو آھي. (ترمذي،ڪتاب الرضاع،باب: ۲،۱۸/۳۹۲،حديث:۱۱۷۶)

حُجَّۃُ الاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص پنھنجي اکين کي بند ڪرڻ تي قادر ناھي ھوندو اھو پنھنجي شرمگاھ جي بہ حفاظت نٿو ڪري سگھي. (احيا ء علوم الدين،ڪتاب ڪسرالشھوتين،۳ /۱۲۵)

ديدے "قفلِ مدينہ" آنکھوں کا واسطہ چار يار کا ياربّ

نظر جي حفاظت جي اھميت جو اندازو ھن ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ قرآنِ پاڪ ۾ ھن جي باري ۾ وڏو واضح حڪم ارشاد ٿيو آھي، جيئن سيپارو 18سوره نور جي آيت نمبر30 ۾ ارشادِ رباني آھي:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِیْنَ یَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِھِمْ وَ یَحْفَظُوْا فُرُوْجَھُمْ ؕ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَھُمْ ؕ اِنَّ اللّٰہَ خَبِیْرٌۢ بِمَا یَصْنَعُوْنَ ﴿۳۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** مسلمان مردن کي حڪم ڏي تہ پنھنجي نظر جھڪي رکن ۽ پنھنجي شرمگاھن جي حفاظت ڪن اھو انھن جي واسطي گھڻو پاڪيزه آھي بيشڪ اللّٰہ کي انھن جي ڪمن جي خبر آھي.

www.dawateislami.net

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”مختصر منهاج العابدين“ جي صفحي نمبر 62 تي آهي هتي نگاھون هيٺ رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ٻانهي تي لازم آهي تہ پنهنجي مالڪ جي حڪم تي عمل ڪري نہ تہ اهو بي ادب قرار ڏنو ويندو ۽ ان کي روڪي مالڪ جي بارگاھ ۾ حاضري جي اجازت نہ ڏني ويندي ۽ آيت سڳوري ۾ اهو جيڪو فرمايو ويو: ”ذٰلِكَ اَزْكٰى“ هي ان جي لاءِ پاڪيزه آهي يعني ان جي دلين کي پاڪ ڪرڻ ۽ ان جي ڀلائي کي وڌائڻ وارو آهي. هن فرمان مان باخبر ڪيو ويو تہ نگاھن کي هيٺ رکڻ ۾ دل جي پاڪيزگي ۽ عبادت ۽ ڀلائي جي ڪثرت آهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي نگاھ کي نہ روڪيندوءِ ۽ ان جي لگام ڍري ڇڏي ڏيندوءِ تہ اها لايعني شين کي ڏسندي ۽ جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت شامِلِ حال نہ ٿي تہ توهان هلاڪ ٿي ويندوءِ. ان ڪري يا تہ توهان حرام کي ڏسندو تہ گناھ ۾ پئجي ويندو يا وري مباح ڏانهن نگاھ ڪندو تہ توهان جي دل ان ۾ مشغول ٿي ويندي ۽ توهان کي ان جي ڪري مختلف وسوسا ۽ خيال ايندا، آخرڪار توهان جي دل ڀلائي کان غافل ٿي انهيءَ ۾ لڳل رهندي. (مختصر منهاج العابدين،ص۶۲)

ياد رکو! جهڙي طرح قرآنِ پاڪ ۾ الله پاڪ بد نگاهي کان بچڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي، اهڙي طرح ڪوڙ احاديثِ مبارڪ ۾ بہ مسلمان مردن کي نگاھون جهڪائي رکڻ ۽ الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کي ڏسڻ کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اچو! هن باري ۾ 3 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو:

## نگاھون هيٺ رکڻ جي باري ۾ 3 حديث سڳوريون

فرمايائون: ”توهان راهن ۾ ويهڻ کان بچو.“ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِين عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! راهن ۾ ويهڻ کان بغير اسان جو چارو ناهي، اسان اتي ويهي ڳالهيون ڪيون ٿا. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن راهن ۾ ويهڻ بغير توهان جو ڪو چارو ناهي تہ راھ جو حق ادا ڪريو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِين عرض ڪيو: راھ جو حق ڪهڙو آهي؟ ارشاد فرمايائون:

نظر هيٺ رکڻ، تڪليف ڏيڻ واري شيء کي پري ڪرڻ. سلام جو جواب ڏيڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ. (بخاري،ڪتاب المظالم والغصب،باب افنية الدورو الجلوس فيها والجلوس علي الصعدات،٢/١٣٢،الحديث:٢٤٦٥)

فرمايائون: توهان ضرور پنهنجون نظرون هيٺ جهڪائي رکندوء ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندوء ۽ پنهنجا چهرا سڌا رکندوء يا وري الله عَزَّوَجَلَّ توهان جو شڪليون بگاڙي ڇڏيندو". (معجم ڪبير،٢٠٨/٨، حديث:٧٨٤٠)

فرمايائون: هڪڙي نظر کان پوءِ ٻي نظر نہ ڪريو (يعني جيڪڏهن اوچتو بنا ارادي جي ڪنهن عورت تي نظر پوي تہ فورًا نظر هٽائي ۽ ٻيهر نظر نہ ڪري) جو پهرين نظر جائز ۽ ٻي ناجائز آهي. (ابو داود، ڪتاب النڪاح، باب ما يؤمر به من غض البصر، ٢/٣٥٨، حديث :٢١٤٩ ملتقطاً)

ہر گھڑی شرم و حیا سے بس رہے نیچی نظر     پیکر شرم و حیا بن کر رہوں آقا مُدام

## پهرين نظر مان ڇا مراد آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٽين حديث پاڪ کي ڪجھ نادان غلط انداز ۾ بيان ڪندي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪجھ اهڙي طرح چوندي ٻڌا ويندا آهن تہ "پهرين نظر مُعاف آهي"، تنهنڪري هو پنهنجي نظر هٽائن ئي نٿا ۽ مسلسل بدنِگاهي ڪندا رهندا آهن. حالانڪ پهرين نظر مُعاف اها آهي جيڪا عَورت تي بي اختيار پئجي وئي هجي ۽ هڪدم هٽائي وئي، جاٽي واٽي پهرين نظر بہ حَرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. جيئن تہ حڪيم الأُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ پهرين نِگاهہ مان مُراد اها نِگاهہ آهي جيڪا بغير قَصْد (يعني ارادي جي بغير)اَجنبي عَورَت تي پئجي وڃي ۽ ٻي نِگاهہ مان مُراد ٻيهر ان کي قَصداً (يعني جاٽي واٽي) ڏسڻ آهي. جيڪڏهن پهرين نظر بہ ٽڪائي رکي تہ بہ ٻي نگاهہ جي حڪم ۾ هوندي ۽ ان (پهرين نظر ڪرڻ) تي بہ گناهہ ٿيندو. (مرآة المناجيح،١٧/٥)

## عورت ڏانهن نهارڻ جو حڪم

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "پردي جي باري

۾ سوال جواب“ صَفحَي نمبر30 تي شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه مرد جي غير عورت جي چهري کي ڏسڻ يا نہ ڏسڻ جي باري ۾ هڪ سوال جو جواب ڏيندي ڪجھ ائين تحرير ڪن ٿا: (مرد اجنبي عورت جو چهرو) نہ ڏسي. جيتوڻيڪ ضرورت پوڻ تي ڪجھ شرطن سان گڏ ڏسي سگهي ٿو، ان جون ڪجھ صورتون بيان ڪندي صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اجنبي عورت ڏانهن ڏسڻ جو حڪم هي آهي تہ (ضرورت جي وقت) اُن جي چهري ۽ هٿ جي ترِي جي طرف نظر ڪرڻ جائز آهي ڇاڪاڻ تہ اِن جي ضرورت پوندي آهي جو ڪڏهن ان جي موافق يا مخالف گواهي ڏيڻي پوندي آهي يا فيصلو ڪرڻو هوندو آهي جيڪڏهن اُن کي نہ ڏٺو هجي تہ ڪيئن گواهي ڏيئي سگهي ٿو تہ هن ائين ڪيو آهي. ان جي طرف ڏسڻ ۾ بہ اُهو ئي شرط آهي تہ شهوت جو خطرو نہ هجي ۽ هونءَ بہ ضرورت آهي جو (اڄڪلھ گهڻين بازارن ۾) گهڻيون عورتون گهر کان ٻاهر اينديون وينديون آهن تنهن ڪري ان کان بچڻ بہ مشڪل آهي، ڪجھ عالمن پيرن ڏانهن ڏسڻ کي بہ جائز چيو آهي. (ايضاً ص 89) وڌيڪ فرمائن ٿا: اجنبي عورت جي چهري جي طرف جيتوڻيڪ نظر جائز آهي جڏهن تہ شهوت جو خطرو نہ هجي پر هي زمانو فتني جو آهي هِن زماني ۾ اهڙا ماڻهو ڪِٿي جهڙا اڳوڻي زماني ۾ هئا تنهنڪري هن زماني ۾ ان (يعني چهري) کي ڏسڻ جي منع ڪئي ويندي سواءِ گواهہ ۽ قاضي جي لاءِ جوتہ ضرورت جي ڪري انهن جي لاءِ نگاهہ ڪرڻ جائز آهي. (پردے کے بارے ۾ سوال جواب،ص۳۰)

ياد رهي! هڪ مسلمان جي لاءِ ان ڳالھ جو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي جوتہ اسلام ان کي ڪن عورتن کان پردو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ ڪن عورتن کان پردو نہ ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. اچو! ٻڌون ٿا تہ مرد جو ڪن ڪن عورتن کان پردو آهي، جيئن تہ

www.dawateislami.net

## مرد جو ڪنهن ڪنهن سان پردو آهي؟

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيہ فرمائن ٿا: مرد جو پنهنجي ماميءَ، چاچيءَ، ياجائيءَ پنهنجي گهرواري جي ڀيڻ وغيره رشتيدارن سان به پردو آهي. زباني ڀاءُ ڀيڻ، زباني ماءُ پٽ، ۽ زباني پيءُ ۽ ڌيءَ ۾ به پردو آهي ايتري تائين جو نياڻ لاءِ ورتل ٻار (جڏهن مرد ۽ عورت جا معاملا سمجهڻ لڳي ته) ان کان به پردو آهي البت ڪير جي رشتن ۾ پردو نه آهي مثال طور رضاعي ماءُ پٽ ۽ رضاعي ڀاءُ ڀيڻ ۾ پردو ناهي. (ڪربلا ڪا خوني منظر،ص۳۳)

زَبان اور آنکھوں کا قفلِ مدینہ عطا ہو ہپئے مصطفٰے یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نگاهن جي حفاظت جي معامَلي ۾ جيڪڏهن اسان الله وارن جي سيرت جو مطالعو ڪريون ته اسان کي نصيحت جا ڪوڙ مدني گل ملندا، مثلاً اهي حضرات شرعي احڪام جا پابند هوندا آهن، مٿي کان پيرن تائين شرم ۽ حيا جا پيڪر هوندا آهن، بين عضوئن سان گڏوگڏ اکين جي حفاظت جي معاملي ۾ انهن جو زبردست مدني ذهن ٺهيل هوندو آهي، جيڪي غير محرم کان ڳالهه ڪرڻ ته رهيو پري انهن ڏانهن ڏسڻ کان به پنهنجو پاڻ کي بچائيندا آهن. اچو! ترغيب طور 3 ايمان افروز واقعا ٻڌون ٿا ۽ نصيحت جا مدني گل چونڊي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪريو اسان به نيت ڪريون ٿا ته حڪمِ شريعت تي عمل ڪندي هن الله وارن جي ادا کي ادا ڪندي پنهنجي نظر جي حفاظت ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## هميشه مٿو ۽ اکيون جُهڪائي رکندا هئا!

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”اِحياءُ العلوم“ جلد:1 صفحي نمبر529 تي آهي: منقول آهي ته حضرت سيدُنا رَبيع بن خُيثَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هميشه مٿو ۽ اکيون جهڪائي رکندا هئا ايستائين جو ڪي

ماڻهو اوهان کي نابين سمجهندا هئا. پاڻ 20 سال حضرت سيدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي گهر حاضر ٿيندا رهيا، جڏهن حضرت سيدُنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي ٻانهيءَ انهن کي ايندي ڏسندي ته چوندي هئي: ”پاڻ (حضرت سيدُنا ابنِ مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ) جا نابين دوست تشريف فرما ٿيا آهن.“ حضرت سيدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ان جي ڳالهه ٻڌي مرڪي پوندا هئا. پاڻ جڏهن دروازو کڙڪائيندا هئا، ٻانهيءَ ٻاهر نڪرندي هئي ته پاڻ کي مٿو ۽ اکيون جهڪايل ڏسندي. حضرت سيدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جڏهن حضرت سيدُنا رَبيع بن خُيثَم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ڏسندا هئا ته اها آيتِ مقدسه تلاوت ڪندا هئا:

وَ بَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿۳۴﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ اي محبوب خوشخبري ٻڌاءِ انهن نوڙت وارن کي

(پ 17،الحج:34)

۽ (آيت سڳوري تلاوت ڪرڻ کان بعد) فرمائيندا هئا: خدا جو قسم! جيڪڏهن حضورِ انور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ توهان کي ڏسن ها ته توکان خوش ٿين ها. هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ پسند ڪن ها. هڪ روايت ۾ آهي ته اوهان کي ڏسي مسڪرائن ها. (احياء العلوم،ڪتاب اسرار الصلاة،الباب الثالث،حڪايات واخبار في صلاة الخاشعين،١/ ٢٣٢)

## اکين جو قُفلِ مدينه

حضرت سيدُنا حَسّان بِن اَبي سِنان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ نَمازِ عيد جي لاءِ ويا. جڏهن واپَس گهر موٽيا ته پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي گهرواريءَ چوڻ لڳي: اڄ اوهان ڪيترين عورتن کي ڏٺو؟ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ خاموش رهيا، جڏهن اُنهن گهڻو اِصرار ڪيو ته پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايائون: گهران نڪرڻ کان وٺي، توهان وٽ واپَس موٽڻ تائين آئون پنهنجي (پيرن) آڱوٺن ڏانهن ڏسندو رهيس. (ڪتابُ الْوَرَع، موسُوعَه اِبْنِ اَبِي الدُّنيا ،١/٢٠٥)

## نَرسن جي ڪري اکيون بند ڪري وٺندا هئا

مختلف اسلامي ڀائرن جو بيان آهي ته اسان جڏهن حاجي زم زم رضا عطاري رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي اَسپتال کٽي ويندا هئاسين ته پاڻ اڪثر پنهنجون اکيون

www.dawateislami.net

بند ڪندا ھئا ۽ ان جي وَضاحت ڪجھ ائين ڪندا ھئا تہ اَسپتال ۾ نرسون وغيره ھونديون آھن، مان ڏِجان ٿو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انھن تي نگاھ پوي ۽ انھيءَ حالت ۾ منھنجو رُوح پرواز ڪري وڃي. رڪنِ شوريٰ حاجي ابو رضا محمد علي عطاري جو بيان آھي تہ ھڪ ڀيرو مان اَسپتال ۾ سندن عِيادت جي لاءِ موجود ھئس، انھيءَ دَوران مون ڏٺو تہ پاڻ بار بار اکيون بند ڪري رھيا آھن. مون سمجھيو شايد انھن کي ننڊ اچي رھي آھي، ان ڪري مون اجازت گھري تہ اوھان سمھي رھو مان ھلان ٿو، تہ فرمايائون: اوھان تشريف رکو، مون کي ننڊ نہ پئي اچي بلڪ نرسن جي سامھون اچڻ جي انديشي تي اکيون بند ڪيان ٿو تہ جيئن انھن تي نگاھ نہ پوي. (محبوب عطار کي122 حڪايات، ص ۵۲)

بولوں نہ فضول اور رہیں نیچی نگاہیں آنکھوں کا زباں کا دے خدا قُفلِ مدینہ

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڀِڏو اوھان تہ الله وارا نگاھن جي حفاظت جي معاملي ۾ ڪيتري قدر حساس طبيعت وارا ھوندا ھئا، جيڪي طاقت ھئڻ جي باوجود بہ غير عورتن کي ڏسڻ کان پنھنجو پاڻ کي بچائڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪندا آھن، انھن کي ھن ڳالھ جو ڪامل يقين ھوندو آھي تہ ڪوئي ڏسي نہ ڏسي الله پاڪ تہ ڏسي رھيو آھي. اي ڪاش! نگاھن جي حفاظت جو اھو مدني جذبو اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي ۽ اسان بہ اکين جو قفلِ مدينہ لڳائڻ وارا بڻجي وڃون.

اکين جي حفاظت تي استقامت جو ھڪ بھترين طريقو ھي آھي تہ اسان وقت بوقت پنھنجو محاسبو ڪندا رھون، مثال طور پنھنجو پاڻ سان ائين مخاطب ٿي فڪرِ مدينہ ڪريو تہ اي ٻانھا! توکي الله پاڪ اکين جھڙي نعمت عطا ڪئي آھي جن جي مدد سان تُون جيڪو چاھين ڏسي سگھين ٿو، پر ٿورو سوچ تہ تو انھن کي ڪھڙي طرح استعمال ڪيو؟ مثال طور رستو پار ڪرڻ، علمِ دين سکڻ سيکارڻ، تلاوتِ قرآن ڪرڻ، بيتُ الله شريف، گنبدِ خضريٰ، مقاماتِ مقدسہ، والدين ۽ نيڪ ماڻھن جي زيارت ڪرڻ ۾ انھن کان مدد ورتي

www.dawateislami.net

يا مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اجنبي عورتن کي ڏسڻ امردن يعني بي رِيش ڇوڪرن کي لذّت سان ڏسڻ، ڪنهن جي ڪليل اُوگهڙ ڏسڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، اخبارات ۾ شايع ٿيندڙ نامحرم عورتن وغيره جون تصويرون ڏسڻ، عورتن جي تصويرن تي مشتمل وڏا وڏا اشتهاري بورڊ ڏسڻ، ڪنهن جو خط يا تحرير بِلااجازت پڙهڻ، ڪمپيوٽر يا موبائل تي فحش تصويرون يا ويڊيوز ڏسڻ، ڪنهن جي گهر ۾ نظر ڪري، يا هيڏانهن هوڏانهن فضول ڏسڻ ۾ انهن کان مدد ورتي؟ افسوس! جو توکي ته انهن اکين کي پاڪيزه رکڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، توکي ته پنهنجي ربّ ڪريم، ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ، صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِين، اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اجمعين ۽ جنت جي زيارت جو مشتاق هئڻ گهرجي، ان جي لاءِ ضروري هو ته تنهنجي نگاهون دنيا ۾ ڪنهن حرام ۽ فضول شيءِ تي نه ٻيهن ها، پر افسوس! اهي پاڪيزه نه رهي سگهيون، اڄ توکي حرام شيون ڏسڻ ۾ گهٽي لذّت محسوس ٿيندي آهي پر ياد رکجان! حرام نگاهه سان پرڻ واري انهن اکين ۾ هڪ ڏينهن باهه ڀري ويندي، تنهنجون اکيون ته ايتريون نازڪ آهن جو ننڍي کان ننڍو مڇر يا واريءَ جو ڪوئي ذرّو انهن ۾ پئجي وڃي تڪليف جي شدت سبب تنهنجو سڄو جسم تڙپڻ لڳندو آهي، اُس ۾ اوچتو ڪنهن بند ڪمري ۾ وڃڻ تي تنهنجي ڏسڻ جي صلاحيت ايتري ڪمزور ٿي ويندي آهي جو ويجهو پيل شيءِ به ڏسڻ ۾ ناهي ايندي، پوءِ پنهنجو پاڻ کي ائين ڏيڄار ته آه صد آه! جيڪڏهن انهن اکين کي بدنگاهي ڪرڻ ۽ اللّٰه پاڪ جي حرام ڪيل شين کي ڏسڻ جي سبب بروزِ قيامت عذاب ڏنو ويو ته منهنجو ڇا ٿيندو؟ اچو! هاڻي بدنِگاهي جي سزائن جي باري ۾ 3 روايتون ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو، جيئن ته

## (1) بدنگاهي جي سزا

حضرت سَيِدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيو، ان جو رت وهي رهيو هو، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ارشادفرمايائون: توکي ڇا ٿيو آهي؟ ان عرض

www.dawateislami.net

ڪيو: مون وٽان هڪ عورت گذري تہ مون انهن ڏانهن نهاريو ۽ منهنجي نگاهون مسلسل ان جو پيڇو ڪنديون رهيون جو اوچتو منهنجي اڳيان هڪ ديوار اچي وئي جنهن مون کي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ جنهن منهنجو هي حال ڪري ڇڏيو جنهن کي توهان ڏسي رهيا آهيو.“ تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي تہ اُن کي دنيا ئي ۾ اُنهيءَ جي سزا ڏيئي ڇڏيندو آهي. (مجمع الزوائد ، ڪتاب التو بۃ ، باب فيمن عوقب بذنبه في الدنيا ،١٠ /٣١٣ ، رقم:١٧٤٧١)

## (2) اکين ۾ باهہ ڀري ويندي

حُجَّةُالْاِسلام حضرت سَيِدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا: جيڪو پنهنجي اکين کي حَرام نظر کان ڀريندو اللّٰه پاڪ قِيامَت جي ڏينهن ان جي اکين کي باهہ کان ڀري ڇڏيندو. (مڪاشفةالقلوب، ص١٠)

## (3) باهہ جي سرائي

حضرت سيّدُنا علامہ عبدالرّحمٰن بن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا: عورت جي محاسن (يعني حسن ۽ جمال) کي ڏسڻ ابليس جي تيرن مان زهر ۾ ٻڏل هڪ تير آهي، جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ بروزِ قيامت باهہ جي سرائي ڦيري ويندي. (بحر الدموع،ص١٧١)

غور ڪريو! سرمو لڳائيندي اسان جا هٿ ڏڪندا آهن، جيڪڏهن سرمي جي سرائي اک ۾ هلڪي بہ ٽڪرائجي يا سرمو ٿورو تيز هجي تہ اسان جون دانهون نڪرڻ لڳنديون آهن، جڏهن اسان کي سرمي جي معمولي سرائي تڙپائي ڇڏيندي آهي تہ بدنگاهي جي سبب جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي وڃي ۽ اسان جي اک ۾ باهہ جي سرائي ڦيري وڃي تہ اسان جو ڇا ٿيندو. بد قسمتي کان اڄ ڪلهہ ماڻهو بدنگاهي جا ايتري قدر عادي ٿي چڪا آهن جو مَعَاذَ الله ثُمَّ مَعَاذَ الله جيسيتائين غير محرم عورتن کي ڏسندا ناهن انهن کي چين ناهي ايندو، اهي پنهنجي هن مذموم (گهٽيا) مقصد جي حاصل ڪرڻ جي خاطر بازارن، شاپنگ سينٽرن، تفريح گاهن، الغرض جتي جتي بي پرده عورتن جو

www.dawateislami.net

مجموعو هوندو آهي اتي گهمندا وتندا، خوب بد نگاهي ڪندا ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو سامان ڪندا آهن.اسان غور ڪريون ڇا اسان پنهنجي موت کي وساري ويناسين؟ ڇا اسان کي مغفرت جو پروانو ملي ويو؟ ڇا اسان اڳوڻين امتن تي ٿيندڙ عذاب وساري ڇڏيا؟ ڇا اسان کي روزانو ڪڍندڙ جنازن مان عبرت حاصل نٿي ٿئي، ڇا اسان بيماري جي بستري تي سسڪندڙ مريضن کان سبق حاصل نٿا ڪيون؟ ڇا اسان تنگ ۽ اونداهي قبر کي وساري ڇڏيو؟ يا ڇا اسان منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڏئي سگهنداسين؟ ڇا قيامت جي ڏينهن اسان کان حساب ڪتاب نہ ٿيندو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غفلت جي خواب کان جاڳڻ کپي، ان کان پهريان جو مَوت جو ملائڪ اسان جي زندگي جو رشتو هن دُنيا کان هميشہ هميشہ جي لاءِ ڪٽي رکي ڇڏي، تنهنڪري جاڳي پئو! ۽ اٿو ۽ ٻين اِسلامي ڀائرن کي بہ بيدار ڪريو! ! نہ تہ ياد رکو، ڪٽي ائين نہ ٿئي!!

نہ سمجھو گے تو مِٹ جاؤ گے اے مسلمانو!
تمہاری داستاں تک بھی نہ ہوگی داستانوں میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "صداءِ مدينہ"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي پردگي جي آفت کان نجات جي لاءِ، اکين ۽ ٻين عضوئن جو قُفلِ مدينہ لڳائڻ جي مَدَني سوچ ماڻڻ، شَرم ۽ حيا جو پيڪر بڻجڻ ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ پردي جو ذِهن ڏيڻ جو طريقو سکڻ جي لاءِ عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صداءِ مدينہ" لڳائڻ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ کي "صداءِ مدينہ" لڳائڻ

چوندا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرفان 12 مدني ڪمن مان هن مدني ڪم جو رسالو رِسالو بنام "صداءِ مدينہ" بہ منظرِ عام تي اچي چڪو آهي.

"صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي سگهي ٿي.

"صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي.

"صداءِ مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُوليٰ سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي.

"صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

"صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۽ تشهير ٿيندي.

"صداءِ مدينہ" لڳائڻ وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، الله پاڪ گهريو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿيندريون.

"صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سني ٿيندي.

صداءِ مدينہ لڳائڻ (يعني مسلمانن کي فجر نماز جي لاءِ بيدار ڪرڻ) صحابہ جي سُنّتِ آهي جيئن اَمِيرُ المؤمنين حضرت سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف فرما ٿيندا ها. (طبقات ڪبريٰ، ذڪر استخلاف عمر، ۲۶۳/۳مفهوماً) اچو ترغيب طور صداءِ مدينہ لڳائڻ جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن تہ

## سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ مان سڏ ٿيو!

نينگ موڙ ( قصور پنجاب) جي علاقي الٰهہ آباد جي مقيم اسلامي ڀاءُ جيڪو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ تہ هو،پر مدني ڪمن ۾ سُستي جو شڪار هو. حُسنِ اتفاق سان مُحرَّمُ الحَرام 1431 ھ بمطابق جنوري 2010 ء تي دعوتِ اسلامي جي ڊويزن مُشاورت جي ذميدار اسلامي ڀاءُ سان ان جي

www.dawateislami.net

مُلاقات ٿي، جڏهن انهن کي هن جي مدني ڪمن ۾ دلچسپي نہ هئڻ جي خبر پئي تہ انفرادي ڪوشش ڪندي نہ صرف مدني ڪم ڪرڻ جو ذهن ڏنو بلڪ صداءِ مدينہ جي پابندي ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري، (مسلمانن جي خيرخواهي ڪندي انهن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ”صداءِ مدينہ لڳائڻ چوندا آهن“) ۽ ان باري ۾ اُنهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَه جو فرمان ”صداءِ مدينہ ڏيکاري مدينو“ بہ ٻڌايو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو ذِهن ٺهجي ويو ۽ مديني جي حاضريءَ جي اُميد تي اڳين ڏينهن کان ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. صداءِ مدينہ ڇا لڳائڻ شروع ڪئي ان تي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم ٿي ويو. ان جا ڀاڳ کلي پيا، قسمت جو ستارو ائين چمڪيو جو ان کي انهيء سال بارگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري جو شرف حاصل ٿيو. وڌيڪ ڪرم اهو جو صداءِ مدينہ جي برڪت سان ان جي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي، حج دوران شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَهسان بيعت ٿيڻ جو شرف بہ ملي ويو.

پڑوسی بَنا مجھ کو جنّت میں اُن کا خدائے محمد برائے مدینہ
لگا فجر میں بھائی گھر گھر پہ جاکر ذرا دل لگا کر ”صدائے مدینہ“

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪامِل مومن جي سڃاڻپ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! تہ بدنگاهي انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪٿي جو نہ ٿي ڇڏي. ان جي سبب سان ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ وڌي ويندو آهي. هر وقت ان جي دل ۽ دماغ ۾ شيطان سمايل هوندو آهي، عجيب بي سڪوني جو عالم ان تي طاري رهندو آهي، نفساني خواهشات ۽ خيالات ان تي غالب رهندا آهن، نفس جي تسڪين جي لاءِ اهو وڌيڪ هلاڪت وارن گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي مثلاً بدڪاري وغيره کان علاوه پنهنجي هٿن سان پنهنجي جواني برباد ڪرڻ سان بہ پاسو ناهي ڪندو. بدنگاهي ڪرڻ واري

www.dawateislami.net

ڪي جيڪڏهن خبر پئجي وڃي تہ ڪو غير مرد ان جي ماءُ، ڀيڻ، زال يا ڌيءُ ڪي بري نظر سان ڏسي رهيو آهي تہ ان جي غيرت ڪي جوش ايندو آهي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ڏسڻ واري ڪي اهڙو ذليل ڪندو آهي ڪڏهن مارڻ تي بہ لهي ايندو آهي، انهيءَ تي بس نہ آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ نوبت قتل ۽ لڙائي تائين پهچي ويندي آهي ۽ ڪيئي سالن تائين ٻنهي خاندانن جي دُشمني هلندي رهندي آهي ۽ ڪيترين ئي جانيون ضائع ٿي وينديون آهن، ڪيترا ٻار يتيم ٿي ويندا آهن، ڪيترين ئي عورتون بيوه ٿي وينديون آهن، قيدوبند جون سلاخون ڪيئي ڪيئي سال پنهنجن ڪان پري ڪري ذِلّت ۽ رُسوائي جي ويراني ۾ ڌڪي ڇڏينديون آهن. پر جڏهن اهو خود بدنگاهي ڪري ٿو يا بدڪاري جو ارادو ڪري ٿو تہ ان وقت اهو چو وساري ويندو آهي جنهن ڪي اهو ڏسي رهيو آهي يا جنهن ڪان بُرائي جو ارادو رکي ٿو اها بہ ڪنهن جي ماءُ، ڀيڻ، زال يا ڌيءِ هوندي. اچو! هن باري ۾ هڪ نصيحت آموز حڪايت ٻڌو ۽ عبرت جا مدني گل چونڊيو، جيئن تہ

## بيباڪ نوجوان جي توبہ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "ہمیں کیا ہوگیا ہے" جي صفحي نمبر5 تي آهي: صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان دربارِ مصطفيٰ ۾ مني مني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دِيدار جي دولت سان فيض ياب ٿي رهيا ها تہ هڪ خوبصورت نوجوان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو جنهن هاڻي هاڻي جواني جي حدن ۾ قدم رکيو هو ۽ ڪجهہ ائين عرض ڪيو: ''يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!مون ڪي بدڪاري (Adultery) جي اجازت ڏيو.'' ان جي هن بيباڪي ۽ جرئت تي تمام صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حيران ٿي ويا. ان ڪري ان نوجوان ڪي بارگاهِ نبوت جي آداب جو لحاظ نہ ڪرڻ جي ڪري ڏڙڪا ڏيڻ لڳا تہ مَحبوبِ رَبِّ اَڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن ڪي ان نوجوان ڪي ڪجهہ چوڻ ڪان منع ڪري ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايائون: ان ڪي منهنجي ويجهو اچڻ ڏيو. اهو نوجوان معاملي جي حَسّاس هئڻ جي پروا ڪرڻ بغير اڳتي وڌيو

تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان نوجوان ڪي پاڻ وٽ ويهاري وڏي نرمي ۽ محبت ۽ شفقت سان ڪجهہ ائين نيڪي جي دعوت اِرشاد فرمائي: اي نوجوان! اهو تہ ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن ڪو شخص تنهنجي ماءُ سان ائين ڪري تہ ڇا توکي سٺو لڳندو؟ نوجوان (غيرت وچان) ڪجهہ ائين عرض گذار ٿيو: نہ نہ! اللّٰہ جو قسم! يا رسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجي جان اوهان تي قربان مان هر گز اهو پسند نہ ڪندس. تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن توکي هي پسند نہ آهي تہ ڪو تنهنجي ماءُ سان ائين ڪري تہ ٻيا بہ اهو پسند نٿا ڪن تہ ڪو انهن جي ماءُ سان ائين ڪري. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پڇيائون: ڇا توهان پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ ان ڪي پسند ڪريو ٿا؟ چيائين: مان اوهان تي قربان ٿيان منهنجا آقا! هر گز نہ. ارشاد فرمايائون: ٻيا ماڻهو بہ پنهنجي ڌيئرن جي لاءِ ان ڪي پسند نٿا ڪن. وري پڇيائون: ڇا پنهنجي ڀيڻ جي لاءِ ان ڪي پسند ڪيو ٿا؟ عرض ڪيائين: مان اوهان تي قربان! خدا جو قسم! هرگز نہ. ارشاد فرمايائون: اهڙي طرح ٻيا ماڻهو بہ پنهنجي ڀينرن جي لاءِ ان ڪي پسند نٿا ڪن. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڦڦيءَ ۽ ماسيءَ جي باري ۾ بہ اهي ئي سوال ان نوجوان کان پڇا ڪيائون تہ هر ڀيري ان نفي ۾ ئي جواب ڏنو ۽ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ ان ڪي هڪ ئي ڳالهہ سمجهائي تہ جڏهن تون اهو نٿو پسند ڪرين تہ ڪو انهن سان اهڙي نازيبا حرڪت ڪري تہ ياد رک جنهن عورت سان تون اها حرڪت ڪندين تہ اها بہ تہ ڪنهن جي ماءُ، ڌيءُ، ڀيڻ، ڦڦيءَ يا ماسيءَ هوندي. اللّٰہ پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ ان نواجون جي سمجهہ ۾ اها ڳالهہ اچي وئي پر سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان تي مزيد ڪرم فرمائيندي ان جي سيني تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکي بارگاهہ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي رب ڪريم! ان جا گناهہ بخشي ڇڏ، ان جي دل کي پاڪ ڪري ڇڏ ۽ ان جي شرمگاهہ جي حفاظت فرما. پوءِ ان دُعا جي برڪت سان اهو نوجوان سڄي ڄمار ان بُري ڪم کان بيزار رهيو. (مسند احمد،۸/۲۸۵،حديث:۲۲۲۷۴ملتقطاًوملخصاً)

www.dawateislami.net

الله ہم کو فضل سے عقلِ سلیم دے شرم و حیا تُو بہرِ رسولِ کریم دے

(غیبت کی تباہ کاریاں، ص۳۶۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان! رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيتري پياري ۽ دلنشين انداز ۾ ان نوجوان کي اھا ڳالھ سمجھائي تہ جھڙي نموني تون ھن ڳالھ کي پسند نٿو ڪرين تہ ڪوئي شخص توھان جي ان مَحرم عورتن (يعني جن ڪان نِڪاح حَرام آھي) سان ان طرح جو ڪم ڪري، اھڙي طرح ڪو ٻيو شخص بہ پنھنجي ان محرم عورتن سان ان طرح جي بُري حرڪت ھرگز پسند نہ ڪندو. جڏھن توھان پنھنجي لاءِ ھن ڳالھ کي پسند نٿا ڪريو تہ ٻين جي لاءِ ان کي ڪيئن پسند ڪري سگھو ٿا؟ ڇوتہ توھان جنھن سان اھو ڪم ڪندوء ھو بہ تہ ڪنھن جي ماءُ، ڪنھن جي ڀيڻ، ڪنھن جي ڌيء، ڪنھن جي زال، ڪنھن جي ماسيء، ڪنھن جي ڦڦيء ھوندي.

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اھو مُبارَڪ انداز تاثير جو تِير بڻجي ان جي دِل ۾ اھڙي طرح پيوست ٿيو جو ھو نہ صرف پنھنجي بي باڪي تي شرمسار ٿيو بلڪ ھميشہ بدڪاري کان بہ پاسو ڪري ورتائين ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دُعا جي برڪت سان جيستائين زندہ رھيو ڪڏھن بہ ان فعل جو تصور تائين نہ ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس تربيت گاہ براءِ اسلامي ڀينرون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي شَرم ۽ حيا کي فُروغ ڏيڻ، بي پردگي جي زوردار سيلاب کي روڪڻ ۽ بي حيائي جھڙي بُرائي کي پاڙان ختم ڪرڻ جي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪري رھي آھي ۽ ان مقصد جي لاءِ دعوتِ اسلامي مختلف شعبا قائم ڪيا آھن،

www.dawateislami.net

انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مدني تربيت گاهه براءِ اسلامي ڀينرون“ به آهي. اها مجلس اسلامي ڀينرن کي 12 ڏينهن جا مختلف ڪورسز مثال طور خصوصي اسلامي ڀيڻ ڪورس، فيضانِ قرآن ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس ۽ مَدَني ڪورسز ڪرائي ٿي. انهن ڪورسز ۾ فقه، تجويد، عقائد، سُنّتن ۽ آداب، خُصوصي اسلامي ڀينرن ۾ مدني ڪم ڪرڻ جو طريقو، فيضانِ سوره نُور (تفسير)، سُنّتون ۽ آداب، نماز جا مسئلا ۽ مخصوص سُورتون ياد ڪرائڻ جو سلسلو ٿيندو آهي. جيڪڏهن اسان به چاهيون ٿا ته اسان جي گهر مان به بي پردگي جي نحوست جان ڇڏي، شرعي پردي جون مدني بهارون اچي وڃن، گهر جون عورتون به مدني ماحول ۾ اچي وڃن، اهي به دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃون ته براه ڪرم! پنهنجي شهر/علائقي جي ذمه دارانِ دعوتِ اسلامي سان رابطو ڪري انهن کي اسلامي ڀينرن جي مدني تربيت گاهن ۾ ٿيڻ وارا مختلف مدني ڪورسز ڪرايو جيترو وقت ڏيندو، الله پاڪ جي رحمت کان اُميد آهي ته انهيءَ قدر علمِ دين سکڻ جو موقعو ملي ويندو.

الله ڪريم ”مجلس مدني تربيت گاهه براءِ اسلامي ڀينرون“ کي وڌيڪ چاهت سان دين جي خدمت ڪندي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تم جانتے ہو کیا ہے یہ دعوتِ اسلامی فیضانِ مدینہ ہے فیضانِ مدینہ ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”ويلنٽائن ڊي“ جون خرابيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه مسلمانن جي عملي حالت ڪافي خراب ٿيندي پئي وڃي مُسلمان ديني تعليمات کي ڇڏي اَغيار جون عادتون ۽ طور طريقا اپنائڻ ۾ وڏو فخر محسوس ڪري ٿو خاص ڪري انهن جي خاص ڏيهاڙن کي

ملهائڻ جي لاءِ خُوب پيسو برباد ڪري، وقت ضائع ڪري ۽ بدنگاهي، شراب نوشي ۽ بدڪاري جهڙن گناهن ۾ ٿورو بہ شرم محسوس نٿو ڪري- اهڙين ئي برائين جو اِرتڪاب ”ويلنٽائن ڊي“ جي موقعي تي بہ سَرعام ڪيو ويندو آهي- هن ڏينهن ماڻهو تمام شرعي حدن کي اورانگهي خوب گناهن جو بازار گرم ڪندا آهن- هن ڏهاڙي کي ملهائڻ جو انداز هي هوندو آهي تہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بي پردگي ۽ بي حيائي سان ميل ملاپ، تحفا سوکڙين جي ڏي وٺ کان وني فحاشي ۽ عرياني جي هر قسم جو مظاهرو کلي عام يا لڪي چوري جنهن جو جيترو وس هلي ٿو عام ڏٺو يا ٻڌو ويندو آهي، گفٽ شاپس (gift shops) ۽ گلن جي دڪانن تي رش ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۽ انهن شين کي خريدڻ وارا بہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هونديون آهن- ويلنٽائن ڊي جي موقعي تي عام ڏينهن جي مقابلي ۾ هوٽلن جون بڪنگون وڌي وينديون آهن. .شراب جو (مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ) تمام گهڻو ڪاروبار ٿيندو آهي سمنڊ جي ڪناري تي بي پردگي ۽ بي حيائي جو هڪ نئون سمنڊ ڏسڻ ايندو آهي.

اهي ملڪ جتي غير مسلم مذهبي ۽ اخلاقي پابندين کان آزاد رهن ٿا ۽ بي حيائي جي ڪمن کي اتي هر طرح جي قانوني ڇوٽ حاصل آهي ان ڏينهن جي ڌمچر مچائڻ، گوڙشور ڪرڻ کان بعض اوقات اهي بہ پريشان ٿي ويندا آهن ۽ ان جي خلاف بعض اوقات ڪٿي ڪٿي دبيل احتجاج جي صداء بہ بلند ٿيندي رهندي آهي. وڌي ڏُک ۽ افسوس جي ڳالهہ هي آهي تہ هن ڏينهن کي غير مسلمن جيان بي حيائي سان ملهائڻ وارا گهڻا مسلمان بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسولِ ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا ڪيل پاڪيزه احڪامن کي نظر انداز ڪندي کُلم کلا گناهن جو اِرتڪاب ڪري نہ صرف پنهنجي اعمال نامي جي سياهي ۾ اضافو ڪندا آهن بلڪ مسلم مُعاشري جي پاڪيزگي کي بہ ان بي هودگين سان ناپاڪ ۽ آلُودهہ ڪندا آهن. بد نگاهي، بي پردگي، فحاشي ۽ عُرياني، اجنبي ڇوڪري ڇوڪرين جو ميل ملاپ، کل ٻوڳ، ان ناجائز تعلُّق کي مضبوط رکڻ جي لاءِ تحفن جو ڏي وٺ ۽ اڳتي بدڪاري تائين جون برائيون هي

سڀ اھي ڳالھيون آھن جيڪي ان گناھن واري ڏينھن زور ۽ شور سان جاري رھنديون آھن ۽ انھن سڀني شيطاني ڪمن جي ناجائز ۽ حرام ھئڻ ۾ ڪنھن مسلمان کي ٿورو بہ شبہ نہ ٿو ٿي سگھي ڇوتہ قرآنِ ڪريم جي روشن آيتن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واضح ارشادن سان ھنن ڪمن جو حرام ھجڻ ثابت آھي. ان ڪري اسان کي گھرجي تہ اسان ان طرح جي سمورين برائين کان بچون ۽ الله ڪريم کي راضي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳي وڃون. ربّ ڪريم اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو ”استنجا ڪرڻ جو طريقو“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شرعي احڪامن جو علم نہ ھئڻ ۽ ڪجھ بي احتياطي ڪرڻ جي ڪري ڪي ماڻھو استنجا ڪندي وقت پنھنجا ڪپڙا ۽ پنھنجو جسم نا پاڪ ڪري وٺندا آھن ۽ بعد ۾ انھن کي پاڪ ڪرڻ جو خيال بہ ناھي ايندو. تنھنڪري پاڪي ۽ ناپاڪي جو علم حاصل ڪرڻ ھڪ مسلمان جي لاءِ بيحد ضروري آھي. ان جو ھڪ بھترين ذريعو مڪتبةُ المدينہ جي ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ھن رسالي ”اِستنجا ڪرڻ جو طريقو“ جو مطالعو ڪرڻ بہ بيحد مفيد آھي. ھن رسالي ۾ * استنجا ڪرڻ جو طريقو * رفعِ حاجت جي لاءِ ويھڻ جو طريقو * ٽائلٽ پيپر استعمال ڪرڻ جا نقصان * کھڙي ٿي سان استنجا ڪرڻ منع آھي * ڪرسي نُما ڪموڊ تي ويھڻ بابت خطرن جو اِنڪشاف * بيتُ الخلا ۾ وڃڻ جون نيتون * ۽ ان جي علاوہ ٻيو گھڻو ڪجھ بيان ڪيو ويو آھي. تنھنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان ھن ڪتاب کي ھديةً حاصل ڪيو ۽ ان جو مُطالعو پاڻ بہ ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. ھن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙھي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ
★بدنگاهي بدڪاري کي ڦهلائڻ جو ذريعو آهي، ★قرآنِ ڪريم مسلمانن کي نگاهن جي حفاظت جو درس ڏئي ٿو ★ ڪثير احاديثِ مبارڪ ۾ بدنگاهي کان بچڻ جي ترغيب ۽ تاڪيد ارشاد ٿي آهي ★ نگاهن جي حفاظت ڪرڻ ۾ دل جي پاڪيزگي آهي ★بدنگاهي ڪرڻ الله پاڪ ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي جو سبب آهي ★ الله وارا نگاهن جي حفاظت جي معاملي ۾ تمام گهڻا حسّاس هوندا هئا، ★ بدنگاهي جي سزا ڪڏهن تہ دنيا ۾ ئي ملي ويندي آهي، ★ بدنگاهي انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ۽ رُسوا ڪرائڻ جو سبب آهي، ★ بدنگاهي ڪرڻ وارا عجيب بي سڪوني ۾ مبتلا رهند آهن.
الله ڪريم تمام مسلمانن کي بدنگاهي ۽ بي پردگي جي تباهہ ڪارين کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زينت جون سُنّتون ۽ آداب

اچو!مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "سُنّتون ۽ آداب" صَفحي نمبر78 تان زِينَت (سينگار) جون سُنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:★ انسان جي وارن جي چوٽي ناهي عورَت

پنھنجي وارن ۾ ٻڌي، اھو حرام آھي. حديثِ مبارڪ ۾ ان تي لَعنت آئي بلڪ ان تي بہ لَعنت آئي آھي جنھن ڪنھن ٻي عورَت جي مٿي ۾ انساني وارن جي چوٽي ٻڌي. (درمختار،ڪتاب الحظروالاباحة،باب في النظرِ والمس،۹/۶۱۴تا ۶۱۵ ) ★ جيڪڏھن اھي وار جنھن جي چوٽي ناھي وئي پاڻ ان عورَت جا پنھنجا وار ئي آھن جنھن جي مٿي ۾ لڳائي وئي تڏھن بہ ناجائز آھي. (درمختار، ڪتاب الحظروالاباحة،ج۹،ص۶۱۴تا ۶۱۵) ★ ڪجھ ماڻھو چوڪرن جا بہ ڪن ٽوپائيندا آھن ۽ والي وغيره پارائيندا آھن اھو ناجائز آھي. يعني چوڪرن جو ڪن ٽوپڻ بہ ناجائز ۽ان ۾ زيور پائڻ بہ ناجائز. (ردالمحتار ،ڪتاب الحظر والاباحة،فصل في اللبس، ۹/۵۹۸ ملخصاً) ★ عورتن جي هٿن پيرن تي ميندي لڳائڻ جائز آھي، ننڍن ٻارن جي هٿن پيرن تي ميندي هڻڻ ناجائز آھي، ٻارڙين کي ميندي هڻڻ ۾ حرج ناھي. (ردالمحتار،ڪتاب الحظر والاباحة،فصل في اللبس،۹/۵۹۹ ملتقطاً) حضرت سيِّدُنا ابوھريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ھڪ مُخَنَّث (يعني کدڙو) حاضر ڪيو ويو، جنھن پنھنجا ھٿ ۽ پير مينديءَ سان رنڱيا ھئا. ارشاد فرمايائون: ان جو ڇا حال آھي؟ (يعني ان ڇو ميندي ھنئي آھي؟) ماڻھن عرض ڪيو: ھي عورتن جي نقل ڪري ٿو، اسان جي مني مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم فرمايو تہ ”ھن کي شھر بدر ڪري ڇڏيو، تنھن ڪري ان کي شھر بدر ڪيو ويو، مدينهءِ منوره مان ڪڍي ”نَقِيع“ (مديني پاڪ جي ويجھو مقام) ڏانھن موڪليو ويو. (ابو داود،ڪتاب الادب،باب في الحڪم في المخنثين،حديث: ۴۹۲۸،۴/ ۳۶۸) جھڙي طرح مردن کي عورتن جي نقل ڪرڻ جائز ناھي، اھڙي طرح عورتون بہ مردن جي نقل نہ ٿيون ڪري سگھن. جيئن تہ حضرت سيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آھي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لعنت فرمائي، زنانہ مردن تي جيڪي عورتن جھڙي صورت ٺاھن ۽ مردانہ عورتن تي جيڪي مردن جھڙي صورت ٺاھن. (مسند امام احمد،مسند عبد الله بن عباس،حديث:۲۲۶۳،۱/ ۵۴۰) ★ عورتون پنھنجن مڙسن جي لاءِ جائز شين سان، پر گھر جي چوديواريءَ ۾ سينگار ڪن پر ميڪ اپ ڪري ۽ نھي ٺُڪي گھر کان ٻاھر نہ نڪرن ڇوتہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”عورت پوري جي پوري عورت (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آھي جڏھن ڪا

www.dawateislami.net

عورت ٻاهر نڪرندي آهي تہ شيطان ان کي جهاتي پائي ڏسندو آهي. (ترمذي،كتاب الرضاع،باب(١٨)،حديث: ١١٧٦،٢/٣٩٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں۽آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

خُوب خُود داریاں، اور خوش اخلاقیاں آیئے سیکھ لیں، قافلے میں چلو (وسائل بخشش مرمم،ص٧٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net